ٻارن لاءِ بائبل
تحفو



# خُدا جي
# طرفان موڪليل
# ماڻهو

لکيل ٻاران: Edward Hughes

اشارو ڪندڙ: Byron Unger; Lazarus
Alastair Paterson

طرفان قبول ڪيو ويو: E. Frischbutter; Sarah S.

ترجمو ٿيل: Aim4Faith Ministries, Pakistan

ڇاهيل ٻاران: Bible for Children
www.M1914.org

©2025 Bible for Children, Inc.
لائسنس: توهان کي هن ڪهاڻي ڪاپي يا پرنٽ ڪرڻ جو حق آهي،
جيئن جيسيتائين تون ان کي وڪرو نٿا ڪريو.



هڪ ڏينهن خُدا جي هيڪل جي
اندر، هڪ پوڙهو ڪاهن، جنهن جو نالو
زڪرياه هو، بخور ٻاري رهيو هو. ٻاهر،
ماڻهن دعا ڪري رهئا هئا. اوچتو،
زڪرياه گهبراجي ڏڪڻ لڳو.





3
هڪ فرشتو آيو. "ڊڄو نه،" هن چيو. "خُدا مون کي موڪليو
آهي. توهان جي زال کي پٽ ٿيندو. هن کي يوحنا سڏيو.
هو ڄمڻ کان پاڪ روح سان پرجي ويندو. هو
ڪيترن ئي ماڻهن کي خُدا ڏانهن
موٽائيندو."
4
"اسان سان ڳالها، زڪرياه." ٻاهر جا ماڻهو حيران ٿي ويا.
انهن کي اها خبر نه هئي ته جبرائيل ملائڪ
چيو ته زڪرياه ٻار جي ڄمڻ تائين ڳالهائڻ
جي قابل نه هوندو ڇو ته هن خُدا جي
پيغام تي يقين نه ڪيو. هن سوچيو ته
هن جي زال ٻار جي ڄمڻ لاء
تمام گهڻي وڏي ڄمار
جي هُي.
5
گهر ۾، گهر ۾ وڃين زڪرياه لکيو جيڪا سڀ
ملائڪ کيس ٻڌايو هو. اليشبع، سندس زال،
اهيو پڙهي حيران ٿي وئي. اهيء هميشه ٻار
لاء دعا ڪندا هئا. ڇا اهو هاڻي ٿي سگهي ٿو؟
6
جلد ئي اليشبع کي خبر پئي
ته هڪ ٻار اچي رهيو
آهي. هنء خُدا جي واکاڻ
ڪئي. هڪ ڏينهن، اليشبع
جي کزن مريم هن کي ملڻ
لائي آئي. مريم کي پڻ
هڪ ٻارٿيڻ وارو هو.
7
جڏهن مريم اليشبع سان ملي، ته اليشبع محسوس
ڪيو ته هن جي ٻار پنهنجي جسم ۾ ٽپو ڏئي ٿو.
اليشبع پاڪ روح سان پرجي وئي هئي. هوءَ
ڄاڻي ٿي ته مريم جو ٻار
خُداوند يسوع مسيح
هوندو. گڏو گڏ، ٻنهين
عورتن خوشيء سان
خُدا جي واکاڻ ڪئي.
8
اليشبع جو ٻار پيدا ٿيو جيئن خُدا واعدو ڪيو هو. "ڪاهن ٻار
جونالو پيءُ وانگر زڪرياه رکيو تي،"
زڪرياه کي خُدا جو حڪم ياد آيو.
"نه! ٻار جو نالو يوحنا آهي."
جڏهن زڪرياه اهي لفظ لکيا،
تڏهن هن جو ڳالهه موٽي
آئيو، پوءِ هن خُدا جي
واکاڻ ڪئي.



جڏهن يوحنا وڏو ٿيو ته هو خُدا جو عظيم انسان اليشع وانگر هو. يوحنا ماڻهن کي ٻڌايو ته مسيح جلد ئي انهن کي برڪت ڏيڻ لاء اچي رهيو هو. يهودي اڳواڻن يوحنا کان نفرت ڪئي، چاڪاڻ ته هن انهن کي چيو ته "توبه ڪريو، گناه ڪرڻ بند ڪريو." انهن پنهنجن گناهن جي باري ۾ ٻڌڻ نه چاهيو.

9



ٻيا ڪيس يوحنا ٻپتسمو ڏيڻ وارا سڏيندا هئا چاڪاڻ ته هن پنهنجي گُناهن جي معافي جي لاء ماڻهن کي پاڻي ۾ هيٺان ٻوڙي ڇڏندو هو. هڪ ڏينهن، يسوع يوحنا وٽ ٻپتسمو وٺڻ آيو. "توهان کي مون کي ٻپتسمو ڏيڻ گهرجي،" يوحنا احتجاج ڪيو. پر يسوع چيو ته "ائين ٿيڻ ڏيو." ۽ يوحنا ڪيس ٻپتسمو ڏنو.

10



يسوع جي ٻپتسما کان پوءِ يوحنا پاڪ روح کي ڪبوتر جي صورت ۾ يسوع تي ايندي ڏٺو. اها خُدا جي نشاني هئي. يوحنا ڄاڻي ٿو ته يسوع خُدا جو فرزند هو. يوحنا يسوع کي خُدا جو گهيٽو سڏيو آهي جيڪو دنيا جي گناهن کي کڻي ٿو.

11



يوحنا ڪيترن ئي ماڻهن کي خُدا ڏانهن وٺي آيو. پر هيروديس، بدڪار حڪمران هو، يوحنا کي جيل ۾ اڇلائي ڇڏيو. يوحنا هيروديس کي چيو، "توهان لاءِ اهو گناهه آهي ته هيروديا،" پنهنجي ڀاءُ جي زال کي پنهنجي زال ڪري رکيو آهي.

12



هيروديس ڄاڻي ٿو ته اهو سچ هو. هن کي خبر هئي ته يوخُدا جو خادم هو، هڪ عادل ۽ پاڪ انسان. پر هن گناهه کي روڪڻ نه چاهيو. ۽ يوحنا گناهه جي خلاف تبليغ ڪرڻ بند نه ڪندو هو، جيتوڻيڪ اهو جيل ۾ هينون.

13



هيروديس جي سالگره تي هڪ وڏي ضعافت هئي. هيروديا جي ڌيءَ هن لاءِ ناچ ڪئي. اها ڳالهه هيروديس کي ڏاڍي وڻي. "توهان مون کان ڪجهه به حاصل ڪري سگهو ٿا جيڪو توهان چاهيو،" هن واعدو ڪيو. "جيتوڻيڪ اڌ منهنجي بادشاهي."

14

"مان ڇا پڇان؟"
ڇوڪري حيران ٿي
وئي. هن جي بڇڙي
ماءُ هيروڊياس، جيڪا
يوحنا کان نفرت
ڪندي هئي، هن کي
ٻڌايو ته ڇا گهران!
اهو خوفناڪ هو!



15

"مون کي يوحنا بپتسما ڏيڻ واري
جي سيسي پليٽ ۾ ڏيو،" ڇوڪري
هيروديس کي چيو. هن کي پنهنجي
واعدي تي افسوس هو، پر ان کي
ٽوڙڻ تي ڏاڍو افسوس هو. "يوحنا
جي سيسيء ڪٽيو ۽ ان کي هتي
آڻيو،" هيروديس چيو. سندس
سپاهين سندس
فرمانبرداري
ڪئي.



16

يوحنا جي دوستن
خُدا جي بهادر ۽
وفادار خادم جي لاش
کي ڏاڍي ڏُک سان
دفن ڪيو. شايد انهن
کي خبر هئي ته
يسوع انهن کي
پنهنجي ڏک ۾ تسلي
ڏئي سگهي ٿو. خُدا
جي لاءِيوحنا جو
ڪم هاڻي ختم ٿي
چڪو هو.



17

خُدا جي طرفان موڪليل ماڻهو

خُدا کان هڪ ڪهاڻي ۾ لفظ، بائبل، مليو آهي

مرقس 6، لوقا 1، 3

"تنهنجي ڪلام جو مطالعوسوجهرو ٿوڏئي."
زبور 119: 130

18

ختم

37

60

19

هيء ڪهاڻي اسان جي عجيب خُدا جي باري ۾ اسان کي
سيکاريندي آهي جهين اسانکي پيدا ڪيو اهو چاهي ٿوته ڪيس اسان ڄاڻون.

خُدا ڄاڻي ٿو ته اسان تمام خراب ڪم ڪيا آهن جهين ڪي اهو گناهه چئي رهيو آهي ۽
گناهه جو اجر موت آهي،پر خُدا اسان سان تمام گهڻو پيار ڪندو آهي تنهن ڪري هن
پنهنجي واحد پٽ (يسوع مسيح) کي موڪليو ته اسان جي گناهن جي سزا سهي ۽ پنهجي
جان کي صليب تي قربان ڪري ان کان پوء يسوع مسيح مئلن مان جيئرو ٿيو ۽ آسمان
ڏانهن هليو ويو جيڪڏهن توهان يسوع مسيح تي ايمان آڻيوٿا ۽ انهي کان پهنجن گناهن
جي معافي طلب ڪريو. ته هو توهان کي معاف ڪندو اوهي توهان وٽ ايندا ۽ توهان
جي اندر گڏ رهندا ۽ توهان هميشه لاء ساڻس زنده رهندا.

جيڪڏهن توهان ايمان آندو ته اها سچائ آهي ته خُدا کي ٻڌايو.
پيارا يسوع مسيح مان ايمان آڻيان ٿو ته توهان خُدا آهيوۓ منهنجي ڪري انسان بڻيو ۽
منهنجي گناهن لاء مري ويوۓ هاڻي تون جيئرو آهين. منهنجي زندگي ۾ اچو ۽ منهنجا
گناهه معاف فرمايو تنهن ڪري مان اڄ کان ئي نئين زندگي حاصل ڪري هميشه
توهان سان گڏ رهان مون کي مدد ڏي ته مان توهان جي فرمانبرداري
ڪري سگهان ٿو توهان جو پٽ، ڌيء ٿي سگهان. آمين.

بائبل پڑهو ۽ هر روز خُدا ساڻ ڳالهايو.

20